


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جن ساهتيہ ۾ ڏڳُ ۽ سڳُ ڏنو



KIRAT BABANI



VASDEV NIRMAL



HARI MOTWANI



ARJAN SHAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترانا



مندر جي هڪ اوٽ
منهنجا هٿ ڳلن تي
دور سمونڊر - چوٽ!

رتن دلبر

# ترانا

لیکڪ : رتن دلبر


چاپو : ٻيون

قيمت : 200 رپيا

سال : 18th ڊسمبر 2021

ڇپائيندڙ : 149 West street

Weymouth

MA 02188 USA

**Tel. No.: 1 - 78 1 - 985 -4525**

**E-mail: rclillaney@hotmail.com**



( حق واسطا قائم )



| | | |
|---|---|---|
| Title | : | **TARANA** |
| Author © | : | **Ratan Dilbar** |
| Edition | : | 2nd |
| Year | : | 18th December 2021 |
| Price | : | Rs. 200 |
| Publisher | : | 149, West Street<br>Weymouth,<br>MA 021 88 USA |

**Tel. No.: 1 - 78 1 - 985 -4525**

**E-mail: rclillaney@hotmail.com**

اَرپيم، پنهنجي ”عنوان“ کي!

مان شري واسديو نرمل جو بيحد شڪرگذار آهيان
جنهن صاحب شروعاتي دؤر ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي.

رتن دلبر

محبت جي جذبي کي بيان ڪرڻ لاءِ جوانيءَ جي سمي ڪان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو سمو موزون ٿي سگهي ٿو؟ نازنين جي هڪڙي نگاهہ ٿي دل جي درياه ڪي اٿل پٿل ۾ آڻيو ڇڏي، تہ سپرش ٿي بدن ۾ باه جا ڀنڀٽ ٻاريو ڇڏي. ڪئين خيال من ۾ اڀپن ٿين ٿا، پر ساڳئي وقت انهن جو لفظن ذريعي اظهار نهايت ئي ڪٺن ٿيو پوي. جذبات جي شدت سبب، فڪر جون ڪل شڪتيون جهڪيون پئجيو وڃن ۽ بيان جي سلسلي قائم ڪرڻ ۾ ڪافي دقت محسوس ڪجي ٿي. شاعر جي دل تہ امنگہ جو سيلاب آهي. اُن ڪري دماغ جي ساٿ سان ئي هو پنهنجي نقط نظر چٽائيءَ سان پيش ڪري سگهي ٿو. رتن 'دلبر' عمر جو اڃان ننڍو آهي، پر تنهن هوندي بہ دل ۾ محبت جو اٿاهہ جذبو اٿس، ۽ تنهن سان گڏ هو

پنهنجي جذبات جو جائزو بہ قابليت سان وٺي سگهي ٿو. لکي ٿو:

دل جا فسانا آهن خوب نوان
پر ڪهاڻي اڪين جي ٻي آهي!
اَسان جي دل آ دکايل ۽ پيار ۾ تڙقيل،
اکيون جي تنهنجون رسن، مئڪشيءَ ۾ رهندو ڇا؟
بعد مدت ڏٺو آ توکي مون،
پياس لاهيان، شراب اڄ آهي!

رتن جا ”ترانا“ گهڻي قدر محبت جا ترانا آهن، جي هن گذريل پنجن ستن سالن کان وقت بوقت پئي ڳايا آهن. هن نوجوان شاعر جو خاص طور رومانوي شعر وڌيڪ اُڀري بيٺو آهي. هو ان شعر ۾ فقط روئڻا نٿو روئي، پر بردبار وانگر پنهنجي خيالات کي هڪ مفکر جي نوع ۾ بيان ڪري ٿو:

محبت جون ڳالهيون ٻڌي آهہ لڳندو،
ٿو دهرائي ڪوئي اسان جا فسانا!
جگر جي لٽجي وڃي، زندگيءَ ۾ رهندو ڇا؟
خدا سان دل نہ هجي، بندگيءَ ۾ رهندو ڇا؟
دل جي هر بات نرالي ٿي نرالي آهي،
ڏس تہ دل جا بہ نهي ڪيڏا ويا افسانا!

رتن جي شعر مان ظاهر آهي تہ هو ڪنهن ”واد“ يا ”نظريي“ جو پابند نہ آهي. ان ڪري سندس شعر ۾ طرح طرح جا ويچار

ملن ٿا. هڪ هنڌ هو محبوبا جي وڇوڙي ۾ ڳوڙها ٿو ڳاڙي، ته ٻئي هنڌ وري پنهنجي خودداريءَ جو احساس به ظاهر ڪري ٿو:

محبان ٿو: منهنجو به توڏانهن آهه ڪجهه لاڙو،
مگر توکي به ته چاهڻ جي آ پئي عادت!

روايتي ويچار کي هن ڪهڙي نه خوبيءَ سان نباهيو آهي:

آهه سيني سان، جئن مون سان آهي
دل نه پنهنجي جڳهه آهه رهي!

رکي، هچڪي پو ڳالهائڻ، کلڻ چنچل نگاهن سان،
ويس سمجهي، اچن توکي ٿيون ڪجهه پيار جون ڳالهيون!

نراسائي ۾ سندس دل جي حالت اجهو هيءَ آهي:

اگر جي رات وچي ۽ اَچي سحر سهڻو،
تڏهن به ڏک نه وڃن روشنيءَ ۾ رهندو ڇا؟

اُميدن جا ترانا ڳائيندڙ رتن يڪدم پنهنجو لهجومٽائي وري هئن ٿو لکي:

لڙهون سير ۾ ٿا، ڦرون ٿا ڪنن ۾،
اسان کي ڪنارن جون ڳالهيون چپن تي!

رتن ٻين شاعراڻين صنفن تي به قلم آزمائي ڪئي آهي، مونکي سندس نئين ڪوتا جو هڪڙو تجربو خاص طور پسند پيو آهي:

مون هر ڪا تڪليف وني
هر ڪنهن ڪمري ۾ وڃي

هر هڪ بٽڻ هيٺ ڪري
هر ڪائي بتي ٻاري
پر تو هڪ ئي
'مين سئچ' 'آف' ڪري
هرڪا روشني
مٽائي ڇڏي - هٽائي ڇڏي!

رتن جو چوڻ آهي تہ هو علم عروض جي پابندين کان آجو رهڻ ٿو چاهي. تنهن هوندي بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ گهڻي ڀاڱي هن جا غزل وزن جي قانونن مطابق چيل آهن. اهو ڏيکاري ٿو تہ سنگيت ۽ لئہ جي لحاظ کان، هو وزن کي بيشڪ اهميت ڏئي ٿو. منهنجي خيال موجب، هن کي بحر وزن جو پوريءَ طرح اڀياس ڪرڻ گهرجي ۽ انُ جي استعمال سان سندس غزل ۾ وڌيڪ رونق پيدا ٿيندي.

رتن جي شاعراڻي فن لاءِ مونکي عزت آهي ۽ اُميد اٿم تہ هو لڳاتار لکندو رهندو. هيءَ تہ اَڃا سندس پهريون مجموعو آهي، جنهن مان ئي هن جي قابليت جي ساک ملي ٿي. مونکي پڪ آهي تہ جي سندس موجوده شوق زنده رهيو تہ جلد ئي هو شاعرن جي پهرين صف ۾ شمار ڪيو ويندو.

بمبئي
.03. 01.1971

آرجن شاد

# ٻه اکر....

50 YEARS OF TARANA

1971 ۾ هي ڪتاب (شعرن جو مجموعو) شايع ڪيو هئم. (جنهن ۾ 1964 کان 1971 تائين منهنجا گيت، غزل ۽ ترانا شامل هئا. هٿ سان گهڙن دوستن، مٽ مائٽن، اديبن کي پهچايو هئم. هن سال 50 سال پورا ٿيا هن ڪتاب کي شايع ڪئي. ڪافي زمانو گذري ويو.

''تي مغرور هستيءَ تي دلبر پياسين،
تہ ايندي ڪڏهن چنڊ تارن جي دنيا!''

هن ڪتاب ۾ چيل شعر غلط نڪتو. انسان نہ صرف چنڊ تائين پهتو، پر هڪ Click سان هي ممجموعو دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ وڃي پهتو.

شري واسديو 'نرمل' صاحب ، جنهن جي آفيس سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول جي اڳيان هوندي هئي. رسيس ۾ پنهنجا ڪچا شعر تراشڻ لاءِ ڏيندو هئس ۽ قافيہ ئو وزن جو بہ سبق وٺندو هئس، منهنجي شروعاتي دؤر ۾ ڪافي رهنمائي ڪئي.

مونکي گذريل 50 سالن ۾ لکڻ سان گڏ ڳائڻ جو شوّق پيدا ٿيو.

1996 ۾ جڏهن مان آمريڪا شفٽ (Shift) ڪري آيس تہ 'نرمل' صاحب کي منهنجي ڳائڻ جي شوّق جي شايد FACE BOOK تان خبر پيئي ۽ مونکي پنهنجا چند گيت ڳائڻ ۽ رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ڏنائين. اُهي سڀ گيت هن مجموعي ۾ شامل ڪيا اٿم. جيئن سنڌيءَ جا چاهڪ ۽ گائڪ بہ لطف ماڻي سگهن.

''آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ مان ڳايان ٿو، جنتا جو راڳ!'' اَرجن

ميرچنداڻي ’شاد‘ صاحب کي مان ڪيئن ڀلايان. سندس هي گيت اسڪول جي جلسي ۾ ڪورس ۾ ڳاتو هئم. دادي موهني جي چوڻ ۽ هدايت ۾.

جڏهن هند ڪاليج ۾ سندن سان ملاقات ٿي ئي ويئي. A very Gentleman شاهاڻي شخصيت.

1971 ۾ جڏهن ’ترانا‘ ڇپڻ چاهيم ته سويل صبح جو سندن گهر چڙهي ويس ۽ مهاڳ لکڻ لاءِ عرض ڪيم. تمام خوشيءَ سان قبول ڪيائون!

اڄ ٻئي اُستاد، رهنما، هن دنيا مان ته هليا ويا پر سندن ياد ، آسيس ۽ پيار هميشه مون سان رهندا.

هري موٽواڻي صاحب، ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب سيني اديبن کي منهنجا سلام.

مان وري پنجاه سال زندگيءَ ۾ پوٽنان ٿو وجڻ چاهيان نوان ترانا ۽ نوان گيت ڳائڻ ٿو چاهيان.

مان اُنهن دوستن ۽ يارن کي سلام ٿو پريان جن سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ لاءِ لکڻ بند نه ڪيو..

۽ آخر ۾ نند ڇڳاڻي صاحب جو قربائتو آهيان جنهن صاحب بنا هچڪ يڪدم هي مجموعو توهان جي هٿن ۾ پهچائڻ جو ذمو کڻي ورتو.

ڊسمبر 2021،

رتن دلبر

•

تون اَچي ويندينءَ هلي،
چڻ لهر ڪائي هت اَچي.
واپس وري، ويندي هلي.

دور آهي آسمان
۽ دوُر تون ۽ دوُر مان،
۽ دوُر مونکان هي جهان!

ٺهڪڙا، مستي نئين،
بستي نئين، آهيون ڪٿي!؟
دنيا سڄي آهہ رنگين!

دلربا ! ماه - لقا
آ چنڊ سيني جو مگر،
تون بيوفا مونکان خفا!

محل ماڙيون پيو اڏيو
۽ چنڊ تائين پهچو پر
ڪاڏو غريبن کي ڏيو!

دلربا منهنجي وفا!
اَڄ رات رهہ مونسان ڪٿي،
جيون تہ آهي بي بقا!

اُپ مان - آڪاس مان
پنڇي غذا لءِ ڇو ڏسن
ٿا هيٺ وينا آس مان

آ اُداسي - خامشي،
۽ مان اَڪيلو دلربا،
تو بن ڪريان ڪئن مئڪشي؟

سال گذري ويا مگر،
توُن ڪين آئينءَ ڇا ڪريان؟
سپنن ۾ توُن ايندي تہ ڪر!

هوءَ هلي اڳتان وڌي،
پٺ پر ڏٺائين - مون ڏٺو
محسوُس ٿيو : دل سان لڳي !

مان جئڻ جي واسطي
رهندو اَچان - رهندم اَچا
پڻ مان مرڻ جي واسطي!

روشني ئي روشني،
دل ۾ اَنڌارو آهہ پر،
ٻاهر آ ڪيڏي روشني!

ڪتڪتائي گرمي آ
هن عشق ۾ ۽ حسن ۾
ڏس ڪيتري بيشرمي آ!

چنڊ تارا آسمان،
جيڏانهن نظر وجهو ڪريان،
تنهنجو جهان! تنهنجو جهان!

مان اَنڌاري ۾ پليل،
هي درد - غم ڪجهه پيو نہ آ،
جو مان غمن ۾ پڻ جليل!

دل ڪٿي؟ دلبر ڪٿي؟
ٿي دلربا هر هر پڇيو:
’آهہ اَسانجو گهر ڪٿي؟‘

رات جي اَنڌڪار ۾
ڪوئي پوي پلجي،
پوي پلجي تہ ڪوئي پيار ۾!

ڏس ڪڪر ڪارا وڄن!
آڪاس ۾ ڄڻ ڪانوَ ڪارا،
ميڙ ٺاهي ٿا وڄن!

ريل گاڏي تي هلي،
ڇڪ ڇڪ ڪري ڀڄندي هلي،
ڄڻ زندگي موڪي وڃي!

شوخ نظرن ۾ لڪل
هڪ پيار جي ڪا لهر آ،
جا ڪجهه ٿهيل ۽ ڪجهه ٽٽل!

آه جو ڪيڏو اثر
ڌڙڪي پئي دل زور سان
۽ ٿي ويس مان بيخبر!

هڪ نظر مون تي وجهي،
ويندو هلي دلبر پريان،
۽ دل پئي رئندي ڇري!

چنڊ جي چانڊاڻ آ!
۽ ٿو لڳي آڪاس ۾،
تارن جي ڪائي ڪاڻ آ!

منهنجا جذبا بي سڪان
ٻيڙيءَ جيان وندا وهي،
وندا اڏي پنڇيءَ جيان!

منهنجا جذبا رات جو
ٽمڪجي بهن، رڪجي پون،
ترقي اڻن پريات جو!

منهنجا جذبا ٺهڪڙا
ڏيندا هلي ويندا اِئين
چڙ ويا وهي ڪي وهڪرا!

دل چوي ٿي: يار!
تون ڇا جي ڪري غمگين آن،
اچ پيار ڪر، غم کي اُتار!

•

ڳل سندي سرهاڻ
سيني کي معطر ڪري،
مري وڃي ٿي پاڻ!

دل تي گهرو گهاءُ،
ساجن سڄڻي لءِ رنو،
نڪري ويندس ساهه!

هاءِ سڄڻ جي آس،
سمو سڄو نبري ويو،
ڪين ويو وشواس!

پٽ تي ننڍڙا پن،
هوا لڳي، گول ڦريا،
چڻ ساگر ۾ ڪن!

ٻل تي ڪارو تر،
لکي ڪئن ڪو شاعر ٿو،
اِن تي ڪوئي شعر

ساگر جي هيءَ لهر،
پائڻ اَچي جيت مگر،
ڪين ڪري ڪي قهر!

هاءِ الا هي عشق!
ڪين ڪري هرڪو سگهيو،
ڪرڻ لڳو پر رشڪ !

عجيب آهه بات،
بنا سمجهه جي شاعري،
وه وه وائي وات!

دور گگن جي چانو
ڪڪر ڪهي آيا ڇاڻ،
لڪا وڻن ۾ ڪانوَ!

اَن جا ننڍڙا ڍير
مور اَچي ڪاٽڻ لءَ
ڪٽندو ننڍڙا پير!

ساجن لالي پاپ!
چوسڻ ۾ منڙو لڳي،
ٽپ ٽپ ٽپ ٽاپ!

اُپ ۾ ڪارو ڪڪر،
بنا پرن اڏامي ٿو،
عجب جو آهه جگر!

نار ندي درياهه
فرق ڇالاءِ آهه کهڙو؟
سڀ ۾ پاڻي آهه!

رات وڏي ۽ سيءَ
هاءِ سڄڻ جي آس ۾،
جلي ٿو منهنجو جيءُ!

ڪپر ڪناري سان،
ٻيڙي آ ٻڌي پيئي
لنگهبو لهرن مان!

چنڊ ۽ هي تارا
روشن ڪن آڪاس پر
گهر آهن ڪارا !

راوڻ ساڙڻ سان،
ويندو ڇا جلي اَستيه
ڪپڙو ٻارڻ سان؟

ڏياريءَ جا ڏيئا!
جوت ڏسي ياد آيو،
هاءِ مونکي پيئا!

سمنڊ ۾ هيءَ چولي،
سارنگ سر آ ڇيڙيو،
ٻڏجي پيئي لولي !

مندر جي هڪ اوٽ،
منهنجا هٿ ڳلن تي،
دور سموندر - چوٽ!

ڪئن چوان مان ڪُوڙ؟
توسان ٿي آ محبت،
تون ٿي اکين جو نُور!

دال ملي يا ساڳ،
توکي مرغيون نيبهه
مونکي منهنجو ڀاڳ!

ڪير اچي پرتان،
ڌيري ڌيمي آهستي،
بلڪل ڊيل جيان!

رات جو کهڙو سور
مان پيي اڪيلو آهيان،
چنڊ اڪيلو دور!

ڏور ۾ ٻيو لغڙ،
وينو ڪوتائون لکي،
دلربا تي دلبر!

پويون ٽيو پهر،
فرقت ۾ انتظاري،
اُفق وٽ آ سحر !

دنيا فاني آهہ
اَڄ لطف ماڻي ڇڏيون
ڇا چاندني آهہ!

رات وهاڻي آهہ،
دل جي ڌڙڪن تيز ۾
نيڻن پاڻي آهہ!

منهن تي ڇانيل مرڪ
دنيا ليکي خوشي آ،
وينو پيئان لڙڪ !

دل جي هيءَ جذبات !
ڪنهن مهل صباح - روشني،
ڪنهن مهل اونده-رات!

منهنجو کهڙو ڏوهہ!
توئي فون ڪيو هو نہ تہ،
منهنجو کهڙو موهہ !

ڪنهن کي کهڙا گانا!
ڪنهن جي چپن تي آيا،
دلبر جا ترانا

● دل تي چوي ٿي تہ منھنجو تو ساڻ پيار آھي!
تنھنجي تہ حسن تان دل منھنجي نثار آھي!

دل ۾ اٿن ھزارين ٽيون پيار جون ترنگون،
ساڃ جي پڇين منکي تنھنجو اِنتظار آھي!

راھن ڪچين تي ملندا آھن ھزارين ٿاپا،
لنگھندو اُتان اھو ئي جو ھوشيار آھي!

گذري وئي حياتي راتين سياہ ۾ آ !
ڪر روشني اَچي دل ۾ اَنڌڪار آھي !!

ويڳاڻي دل بڻي آ، اَڄ صرف تنھنجي خاطر،
دل بيقرار ”دلبر“ اک اشڪبار آھي !

(02.07 1963)

جلي ويا، جلي ويا پتنگا جليا!
اَندي عشق خاطر، جلي خاڪ ٿيا!

ڏسي لاٽ پيلي هوُ وڌندا رهيا،
نہ هوُ آگہ جي سيڪ کان پٺي ڏڪيا!

بره جي جلي آگ، آتش ڏسي،
جليا آگہ تي، هاءِ! سڀ دل جليا!

نشاني سندن آ بچي صرف رک
اُنهيءَ رک منجهان گلبدن سڀ جڙيا!

اي ''دلبر'' ڪو مجنون تہ ڪو آ پتنگہ،
وڏا وڙ سين عاشقن تي ٿيا!

(13.07.1963)

اسان آ ڪئي عشق وارن ڪان توبهہ!
جنهي ڪي آ دل تن، دلارن ڪان توبهہ!

جهان جي نہ شويا ليائي سگهي ٿي،
آ توبهہ جهان، چنڊ، تارن ڪان توبهہ!

بهاري آ آئي، خوشي ناهہ مونکي،
گلن ڪان، ڦلن ڪان ۽ خارن ڪان توبهہ!

اڙي نازنين ڪر نہ تون هيڏا نخرا !
آ نخرن ۽ تنهنجن اشارن ڪان توبهہ!

لنگهي سير مان پيڙي تانگهي ٻڌي آ،
ڪريون ڪئن نہ ''دلبر'' ڪنارن ڪان توبهہ !

(05.10.1963)

اڄ ڇو مونکي آ ڪنهنجو ويچار ٿي پيو
سپنن ۾ دلربا جو ديدار ٿي پيو!

دل ڇو ٿي بيقرار آ، ڇو نيڻ اشڪبار،
اڪ ڪي ملڻ ۾ اڪ سان ڇو عار ٿي پيو؟

اي دلربا تون چنچل، نازڪ ۽ گلبدن،
تون گلبدن ۽ من هي گلزار ٿي پيو!

آغوش ۾ هو لپٽيو ۽ بند ٿيو ڪنول
ڀنوريءَ ڪي جهٽڪ ڪنهنجو آڌار ٿي پيو!

''دلبر'' عجيب آ دل، سمجهڻ ڪان دور آ،
توسان ڪئي مون نفرت، پر پيار ٿي پيو!

(01.021964)

رضا تي رهي راضي هلڻو اڳيان آ !
دکن سان پريل پٽ تي وڌڻو اڳيان آ !

ڏنا جام ساقيءَ اچي ويو نشو - پر،
وري هوش ۾ مون کي اچڻو اڳيان آ !

دکن سان لڳائي آ جي دوستي مون،
سکن سان بہ ناتو تہ رکڻو اڳيان آ !

اي بلبل ! نہ تون ڪر ڪا پروا خزان جي،
بهاريءَ جو گلڙو تہ ٽڙڻو اڳيان آ !

جي تقدير، تدبير سان ڪين ٿهندي،
خدا سان بہ ''دلبر'' پو لڙڻو اڳيان آ !

(09.02.1964)

زيست ۾ ڪا خوشي نہ آهہ رهي !
اُف! جهڪياسين جهان جا سور سهي!

دل ڪي صدما رسن هميشهہ ٿا،
چا جواني آ صدمي جي ٿي وهي!

ڪئن چوان پيار تو سان ٿيو آهي،
راز دل جو سگهان نٿو مان چئي !

غرق ٿيان جئن سمائجي ٿي وڃي!
دور ڪان سمنڊ ۾ ڪا لهر پئي !!

آهہ سيني سان، جئن مون سان آهي؟
دل نہ پنهنجي جڳهہ تي آهہ رهي !

(20.04.1964)

اُلفت ۾ رئڻ چڱو ناهي!
حسن تان ائن مرڻ چڱو ناهي!

ٽيون اکيون نازنين سان ڪنهن تڪرن،
ائن شرارت ڪرڻ چڱو ناهي!

ميءِ تہ اوتي گلاس ۾ ڪوئي،
ميءِ اکين جي پئڻ چڱو ناهي!

چو محبت ۾ دل بدلجي ٿي،
جسم ائن ڪو مٽڻ چڱو ناهي!

اِئن گلن ڪاغذن جي ڪي ''دلبر''،
ڏيک لءِ پيو سنگهڻ چڱو ناهي!

(04.05.1964)

دلربا لءِ اگر مري به وڃين،
ڪين عاشق سچو تڏهن سڏجين؟

تون ڪڏهن سپني ۾ ئي اچجانءِ پئي،
روز جي تون ملي نه مونسان سگهين!

دل کي رکجانءِ سنڀالي ڏاڍو تون،
عشق جي ڳالهه جي تون ڪنهنسان ڪرين!

آ محبت جو ساز وڄنو ئي،
ٻن دلين جو سنگم ٿي پيو جي سهين!

ڪٿن انڌارو پسند ڪريون ”دلبر“،
دور ڏسجي ٿي روشني ڪا نئين!

(22.06.1964)

يار جي ياد، سار کان توبه!
عشق جي بس ٻخار کان توبه!
ياد تنهنجيءَ ڏنو آ ڏاڍو غم،
بس! غمن جي غبار کان توبه!
دوست، تنهنجي آ دوستي مون ڏني،
بس تنهنجي اعتبار کان توبه!
هڪ جگر هو، اُهو به ڪنهنجي ويو،
حسن جي جلوه‌دار کان توبه!
ايتري ڳالهه تي لڳئه غصو،
بس مٺي ! تنهنجي خار کان توبه!
سرد آهون ٻخار دل تي آ،
دلربا ! تنهنجي پيار کان توبه!
(08.10.1964)

اُف! ڪنهن تي اعتبار ڪين ٿيو!
زندگيءَ سان بہ پيار ڪين ٿيو!

هيءَ دل آ عجيب، بهروپي،
ڪڏهن ڳوڙري يا بار ڪين ٿيو!

ڪڏهن تنهنجو بہ سوچيندا آهيون،
پر ڪڏهن اِنتظار ڪين ٿيو!

ڪنهن جگر لاءِ ڏنيسين جان مگر،
عيوضي لء ڪو تيار ڪين ٿيو!

ساٿ ”دلبر“، سکن ۾ سيني ڏنو،
غم ۾ ڪو غمخوار ڪين ٿيو!

(14.10.1964)

جام اکڙين ۾ آب اڄ آهي!
دل بہ منهنجي بيتاب اڄ آهي!

بعد مدت ڏٺو آ توکي مون،
پياس لاهيان، شراب اڄ آهي!

جيڪو ’فوٽ پاٿ‘ تي سمهي ٿو اُهو،
بمبئيءَ جو نواب اڄ آهي!

دور ڪان گيت ٿو ٻڌان - شايد،
ڪنهن وڄايو رباب اڄ آهي!

اک ٿي ڦڙ ڦڙ ڪري گهڻي ”دلبر“،
سمجهان ٿو: ڪجھہ خراب اڄ آهي!

(22.10.1964)

رات گذري پره ڦٽي آهي!
چنڊ مان روشني ڪٽي آهي!

دل جا آهن فسانا خوب نوان،
پر ڪهاڻي اڪين جي ٻي آهي!

ڏس رسي ڪين وڃ تون مونکان، دوست!
تو ۾ ئي منهنجي زندگي آهي!

بس اسانجي نصيب ۾ موجود،
تنهنجي اکڙين جي ميءِ رکي آهي!

قرب جو ڇا مثال آ ''دلبر''،
عشق ۾ ويو پتنگ جلي آهي!

(25.10.1964 )

دل جدائيءَ ۾ الا تڙقي اُٿي!
بيخوديءَ ۾ زور سان ڏڙڪي اُٿي!

شب جي چوٽين پهر ڪانپوءِ روشني،
اوچتو دشمن جيان ڪڙڪي اُٿي!

اَڄ اوس سرٽو آ ڪوئي فائدو،
ساڃي اڪ اڄ آ وري ڦڙڪي اُٿي!

ڪيڪڙاتون بدحواسن جون ٻڌو،
اَڄ وري اِنسانيت ڀڙڪي اُٿي!

محفلون مئخانا ٿي ويران ويا،
ميءَ پيارڻ لاءِ وري ساقي اُٿي!

دور اَڄ آهي نئين دنيا سندو،
زندگي ”دلبر“مري ويل، جي اُٿي!

(01.12.1964 )

نہ ايندي، نہ ايندي بهارن جي دنيا!
نہ ايندي اکين جي اِشارن جي دنيا!

محبت ۾ متوالا، مستانا ٻڌجون،
نہ ايندي ادائن، خمارن جي دنيا!

پوي مست ٿي ڪا بهارن تي بلبل!
ڪڏهن شل ٽڙي دل-فگارن جي دنيا!

لڙهون سير ۾ ٿا، ڦرون ٿا ڪنن ۾،
نہ ايندي ڪڏهن ڇا ڪنارن جي دنيا!

ٿي مغرور هستيءَ تي ”دلبر“ پياسين،
نہ ايندي ڪڏهن چنڊ، تارن جي دنيا!

(04.12.1964)

گلشن ۾ صبا روئي پئي روئي پئي ڏس!
بلبل بہ الا روئي پئي جنم جلي ڏس!

غمگين هي چهرا ۽ سڪل ٽوٽ هو گلڙا،
دنيا مان خوشي ڪٿن نہ لڌي آهہ وئي ڏس!

ديوانا بڻيا عشق ۾ دلدار سپيئي،
هت عقل جي ڪا جاءِ ڪٿي آهہ رهي ڏس!

اِنسان نہ اِنسان آ حيوان بہ ناهي،
اِنسان جو ڳجهہ هيٺ اچي رب تون لهي ڏس!

اي منهنجي محبت تو ڏنا بار گهٽيئي،
هڪ ڳوڙهو بڻي نيڻ مان هڪوار وهي ڏس!

(30.12.1964)

هڪ آگ لڳي دل کي جگر جان جلي ويو،
اي حسن ڏسي توکي هي ايمان ڦري ويو!

هن عشق جي دنيا ۾ ذرا هلجي سنڀالي،
سهڻيءَ جو دلو سير ۾ ٽڪرا ٿي ڀڄي پيو!

هيءَ رات وئي، پهر ڪٽا، صبح ٿيو آ ،
اِئن ڪالهه به هئي رات وئي، صبح ٿيو هو!

دنيا جي حسين پيار ۾ مون پاڻ کي کوهيو،
هي پيار به گل وانگي اِجهو چاڻ آ مرجهيو!

مهتاب ستارن سان ڪيون روح رهاڻيون،
افتاب ٿي حاسد آ پريان لعل ٿي اُڀريو!

(01.01.1965)

جگر جي لتاڙجي وڃي زندگيءَ ۾ رهندو ڇا؟
خدا سان دل نہ ھجي - بندگيءَ ۾ رهندو ڇا؟

اَسان جي دل آ دکايل ۽ پيار ۾ تڙقيل،
اکيون جي تنهنجون رسن، مشڪيءَ ۾ رهندو ڇا؟

ٻڌاءِ دلربا منهنجي رسي جي تون ويندينءَ،
زماني جي ۽ ٻيو منهنجي خوشيءَ ۾ رهندو ڇا؟

اگر جي رات وڃي ۽ اَڇي سحر سهڻو،
تڏهن بہ ڏک نہ وڃن روشنيءَ ۾ رهندو ڇا؟

دنيا جو پيار نرالو، وفائي آهہ ڪٿي؟
ٻڌاءِ دل بہ ڪٿي دلبريءَ ۾ رهندو ڇا؟

(21.02.1965)

اکين ۾ اها اَڄ ڪتي دلڪشي آ !
الا زندگي بي رخي بي رخي آ !

ٿي ويران وياسين وڃڻ بعد تنهنجي،
محبت جي دنيا جي ڪٿ زندگيءَ آ !

صراحي ۽ ساقي، ترانا ۽ محفل،
ڪتي آ، ڪتي آ، ڪتي مئڪشي آ !

اَسانجي تہ دنيا نرالي، نرالي،
هتي غم ئي غم ۽ تو وٽ خوشي آ !

ڪرڻ اِنتظاري سڪي شمع ڪان ڪو،
سڄي رات چپ چاپ جيڪا جلي آ !

(29.06.1965)

اَسان کي ياد آهي دلربا پنهنجي اجا تائين!
اَسان کي ياد آهي پڻ پنهنجي وفا اجا تائين !

گگن ڪارو سڄو آهي، نہ نڪتو چنڊ پڻ آهي،
اسان کي ياد آهي مه لقا پنهنجي اجا تائين!

وفائي تون نہ ڄاڻين ٿي، نہ ڄاڻان بيوفائي مان،
اسان کي ياد آهي پڻ وفا پنهنجي اَجا تائين!

چئو: قسمت آ منهنجي يا تہ ساميواد هيءَ آهي،
اَسان کي ٿي رهي ملندي غذا پنهنجي اجا تائين !

وساري هن ڇڏيو هوندو، خبر ناهہ اها ''دلبر''،
اسان کي ياد آهي دلربا پنهنجي اجا تائين !

(03.09.1965)

اسانجي توهان کي ڏسڻ جي آ عادت،
توهانجي اسان کي ڏسڻ جي آ عادت!

چپن تي ڏسي مرڪ ۽ سرخ لعلي،
مان سمجهان ٿو توکي کلڻ جي آ عادت!

پلي ڪر تون ڪيڏي به نفرت اسان کان،
اسان کي محبت ڪرڻ جي آ عادت!

اسين هندواسي نه ڇاٽون ٿا هنسا،
ڇتن کي ته منيد کان وڙهڻ جي آ عادت!

ٿو مرجهي وڃي گل ۽ ڏس هن ڪليءَ کي،
ايامن کان ''دلبر'' ٽڙڻ جي آ عادت!

(04.11.1965)

ڪڏهن عشق وارن جون ڳالهيون چپن تي!
ڪڏهن چنڊ تارن جون ڳالهيون چپن تي !

ڪڏهن ياد پنهنجا ته دشمن به آيا،
ڪڏهن دوست! يارن جون ڳالهيون چپن تي!

لڙهون سير ۾ ٿا، ڦرون ٿا ڪنن ۾،
اسان کي ڪنارن جون ڳالهيون چپن تي!

ڪڏهن وات پاڻيءَ ڪري پيو آ سڪندو،
ڪڏهن ميءِ جي پيالن جون ڳالهيون چپن تي!

ڪڏهن گل وَ بلبل جون ڳالهيون چپن تي،
ڪڏهن گل وَ خارن جون ڳالهيون چپن تي!

جڏهن ڪان نه ڏرتيءَ تي ڪو گهر، تڏهن ڪان،
مون کي چنڊ تارن جون ڳالهيون چپن تي!

(30.11.1965)

ساقيا! ڏس جام ڪٽندو ٿو وڃي!
دوستو! وسواس ٽٽندو ٿو وڃي!

ڏس سهي ماٺا الا ودروهي من،
روز ڪڙڇندو ۽ ٽٽندو ٿو وڃي!

روز ماليءَ ٿو پٽي گل ڪي مگر،
گل نئون هر روز ڦٽندو ٿو وڃي!

حالتن تي آ بدل هيءَ زندگي،
زندگيءَ مان چاهه اُٿندو ٿو وڃي!

ڏس فريبيءَ ۽ مڪاريءَ ۾ رهي،
چين ''دلبر'' دل جو ٽٽندو ٿو وڃي!

(22.04.1966)

ڪڏهن ڏس يار جون ڳالهيون، ڪڏهن اغيار جون ڳالهيون!
لبن تي مهر خاموشي ۽ دل ۾ پيار جون ڳالهيون!
رسي محفل ڇڏي ويندا، هليا تنها ڇڏي ڪيڏانهن،
۽ دل ۾ هو ڪٿي ويندا الا تڪرار جون ڳالهيون!
رڪي، هاڇڪي پو ڳالهائڻ، ڪلڻ چنچل نگاهن سان،
ويس سماجهي، اچن توکي ٿيون ڪاجهہ پيار جون ڳالهيون!
خبر هڪڙي ۽ ٻي معنيٰ، حقيقت اؤر ٿيندي آ،
چون: ڪوڙيون سڀئي هن اهي اخبار جون ڳالهيون!
اچي بستان ۾ ڪوئل،لڏي تاريءَ تي ۽ ڳائي،
سلي ٿي راز جون ڳالهيون، ڪري گلزار جون ڳالهيون!
نہ آهي ساٿ 'دلبر' جو ، نہ ڪا مومل نہ ڪو راڻو،
نہ ئي ديدار جون ڳالهيون، نہ ئي اِقرار جون ڳالهيون!

(14.07.1966)

اسان جي تہ قسمت ڊٺي آ، ڊٺي آ !
توهان جي تہ قسمت سٺي آ، مٺي آ !

دڪن جي ڀلي ٿي رهي خوب اونده،
اسان لءِ اڦا ڀي نئين روشني آ !

ٻڌيا يار سڀ مطلبي هن جهان جا،
اڙي يار! تنهنجي ڏٺي دوستي آ !

اِهي تنهنجي پرچڻ، رسڻ جا نمونا،
ٻڌي آ، ڪٽي آ، ٻڌي آ! ڪٽي آ !

توهان کي مبارڪ آ ڪرڪيٽ، هاڪي،
اسان کي مبارڪ ڏکر آ، اِٽي آ !

اِئين ڪوڙ ٻوليون جهان ۾ اي ''دلبر''،
اسان کي مگر ٻولي سنڌي مٺي آ !

(16.01.1967)

منهنجي قسمت تي کلڻ وارو تون!
پنهنجي قسمت کي پٽڻ وارو تون!

منهنجي غربت جي خبر دنيا کي ،
ڏني هوندي به پنڻ وارو تون!

مان بغاوت مان ڀلا ڄاڻان ڇا؟
صلح ۾ خوب وڙهڻ وارو تون!

شمع تي ڦيرا پتنگا، پائي،
حسن تان جان ڏيڻ وارو تون!

مان پيئڻ لءِ ئي تہ آيو آهيان،
او حسين جام ڏيڻ وارو تون!

ڪائي حسرت ، ڪا تمنا آهي،
دلربا ثاب ڪرڻ وارو تون!

نيت هڪ ڏينهن تہ قيامت هوندس،
مان ڏسڻ وارو، ڏسڻ وارو تون!

(16.01.1967)

اَڄ وڻي دل کي نازنين آهي !
زندگي ڪيتري حسين آهي !!

ڪي تہ چهرا ڏٺل ڏٺل آهن،
ڪسا حسينا نئين نئين آهي !

چنبڊ کي جي ڏسان تہ چا مان ڏسان،
ڏس تہ ڌرتيءَ تي مہ جبين آهي !

دل جي هر آرزو اُميد سني،
چا اهُا ثاب تي سهين آهي!؟

ووٹ ڏيندي تہ پنهنجي دل کان پڇ،
”دال روٽي ملي سهين آهي؟!“

(12.02.1967)

ميءَ تہ مهتاب ۾ بہ هوندي آ !
تنهنجي اکڙين جي ميءَ ذرا ٻي آ !

ڏس تہ مرڪز ليءِ رکيو مرڪز،
راند اکڙين جي آ، نہ ڪا ٻي آ !

منهنجي چاهت تہ نيٺ رنگ لاتو،
تنهنجي اکڙين ۾ لهر اُڀري آ !

مِنهنجيون خاموش هي نگاهون ڀلي،
منهنجي دل توکي سڀ چئي وئي آ !

راند اکڙين جي ۽ اَثر دل تي،
ڇا نہ ڀولي تہ دل بہ منهنجي آ !

هي اکين جي وٿين مان واجهہ وجهڻ،
آ محبت، نہ ڇا تہ ٻيو ڪي آ ؟؟

(18.01.1968)

تنهنجي محبوب اَدائن تي ڏني مون جان آ !
توکي وشواس اَچي يا نہ اَچي پروا نا !

هو شرابي ۽ شبابي هي نگاهون تنهنجيون،
ناه معلوم رلائينديون گهڻا ديوانا!

عشق منهنجو نہ ڪوميهر ڪان پيي گهٽ آ سهڻي،
تون بہ چولين ۾ ڏئي چال هلي آ آ نا!

دل جي هر بات نرالي ئي نرالي آهي،
ڏس تہ دل جا بہ نهي ڪيڏا ويا اَفسانا !

بمبئي ڪين منکي تنهنجي ڪپي پرمٽ ڪا،
هٿ گلين ۾ ئي قرن جام پيا مئخانا!

(12.02.1968)

دل جي هر تنهائي منهنجي،
ڪيڏا نقشا جوڙيندي آ !

ڪنهن ڪي دل موتائيندي آ،
ڪنهن جي دل کي چوريندي آ !

ڪنهن وقت ٺهڪ ڏيئي کلندي آ،
ڪنهن مهل آنسون پوريندي آ !

ڪنهن مهل غم ۾ پئي ويندي آ،
يا حال پاڻ سان اوريندي آ !

جان سچي محبوب تان پنهنجي،
تنها-ئي بس گهوريندي آ !

(02.04.1968)

محفل مان گيت ڳائڻ وارا ويا هلي!
غم کي الا دٻائڻ وارا ويا هلي!

ڏس ڪوڙ کي ملي ٿي ڪيڏي نہ اهميت،
منصور خود چوائڻ وارا ويا هلي!

جهيڙا جهٽا جهان ۾ ٿيندا ٿي ٿا رهن،
سڀ صلح ڪي منائڻ وارا ويا هلي !

هي راڄنيتي ڳالهيون ٿيون 'آن' 'آف' بٽڻ
ڪئن بمبئي جلائڻ وارا ويا هلي!

دلبر جلڻ، جلائڻ وارا ويا هلي،
۽ حسن کي پڏائڻ وارا ويا هلي!

(04.07.1968)

’اي دل نہ ڪڏهن پيار ڪجانءِ‘ منهنجو هو رايو!
عاشق جي نظر ڪيئن اَلا مون کي آ گهايو!

آياسين ڪلڻ خود بہ ۽ توکي بہ ڪلائڻ،
خود پاڻ روئي توکي بہ آ ساڻ روئاريو !

دلجاءِ هجي منهنجي تہ دل تنهنجي وٺايان،
بنياد اَلا جاءِ جو ڪيئن ڪنهن آ هٽايو!

محفل جا خوشيءَ مان ٿي هتي جاڳي ۽ چمڪي،
ڪنهن اوچتو ٿي اوچتو بس ”فيوز“ اُڏايو !

”دلبر“ جي اگر پيار ڪري حال کي بيحال ،
مان ٻي تہ ڏسان ڪهڙي ٿا ڊاڪٽر کي گهرايو!

(23.08.1969)

دل جي هر بار اهائي تہ شڪايت آهي !
آ وڏو روڳي مونکي پنهنجي ئي چاهت آهي !

تنهنجي قسمت ۾ پلاءُ طعام ۽ مرغيون آهن،
مونکي بصرن ۾ ملي منڊي ڪان ئي راحت آهي !

چانڊني آئي ٽپي منهن کي ڪيائين روشن،
چنڊ جي ڏس تہ اَنڌاري ۾ عنايت آهي !

تون ڀلي خوب اسان تي ٿي ڪرين شڪ شهبا،
يار! پنهنجي تہ فقط توسان محبت آهي !

توکي اُلفت جو اَثر آهي اَلائي ناهي،
مون کي آرام جي لءِ سخت هدايت آهي !

(07.09.1969)

دل، دل نہ پڇاڙي پو اَثر ڪيئن ٿئي؟
اي دوست! محبت جي خبر ڪيئن ٿئي؟

دل ۾ جي هئا گل، اهُي ڪوماڻا،
پوڇا بہ ٿئي حسن جي پر ڪيئن ٿئي؟

پنهنجي ٿي ٻوليءَ جو رهيو چاه گهٽو،
جا ماءُ اَسانجي آ، ’مدر‘ خبر ڪيئن ٿئي؟

’للڪار‘ ڪي ’پرچار‘ جو نالو تون جي ڏين،
چئہ دوست ڀلا توتي بدر ڪيئن ٿئي؟

هرروز چون صباح هتي ايندو آ،
مونکي تہ خبر ناهي سحر ڪيئن ٿئي؟

(02.10.1969)

زندگي مون کان رٺي يا زندگيءَ کان مان رٺو!
ڪير، ڪئن، ڪنهنڪان رٺو، ڪنهنکي خبر ڪنهن آ ڏٺو؟

ڪنڌ ٽيندي آ منٺي ۾ زهر ۾ ڪوڙاڻ آ،
توکي اِئن محسوس ٿئي مون لاءِ ته ڪاجهه ناهي مٺو!

ڪئن صفحا پورا ٿيا، لکندي ڪهاڻي پنهنجي اُف،
خيال رهجي ويا، ڪهاڻي پڇي ۾ رهجي ويو پٺو!

مان ته سانڀي وانگي رنگ بدلائي ڇاڻان ڪين ٿو،
جو خراب آهي خراب آ، جو سٺو آهي سٺو!

زندگيءَ جا رنگ پنهنجي ٿي قتل منهن سان ڏٺم،
زندگيءَ مون تي ٺٺوليءَ سان ڪلي ويٺي ڏٺو!

(04.01.1969)

اَسان جي کلون ٿا تہ کلندا رهون ٿا!
اَسان جي رئون ٿا تہ رئندا رهون ٿا!

محبت آ سيکاري تنهنجي محبت،
گلن کي، ڦلن کي بہ چمندا رهون ٿا!

آ چپ چاپ پنهنجي محبت توهانکي،
ڪٽي پاڻ سان دل ۾ گهمندا رهون ٿا!

نئين زندگيءَ جا نوان جائزا آهن،
اَسان وقت سان گڏ ئي هلندا رهون ٿا !

برائيءَ کي پنهنجي، چئون ٿا: آ عادت،
اَسين عادتن سان ئي وڌندا رهون ٿا.

(01.01.1970)

محفل ۾ رازدار ملائي ويا اکيون،
دلبر اسان جا يار ملائي ويا اکيون.

پرسان نئي بيٺي واجهہ وٺين مان وجهي ڪري،
ڇن ڪا پڪيڙي چار ملائي ويا اکيون.

هيءَ راند آ وڏن جي مگر بوءِ آ ڪجهہ ائين،
ڇڻ پاڻ ۾ ڪي ٻار ملائي ويا اکيون!

ڪجهہ ياد آ منکي جي بس ايهو ئي ياد آ،
”دلبر“ ٿيا ٿي ڏار، ملائي ويا اکيون

(15.02.1970)

پاڻ کان پاڻ پلائي وينم!
دل لءِ دل هرڪائي وينم!

شمع جلي پيئي محفل ۾،
پروانن کي جلائي وينم!

توسان گهڙيون ڪجهہ گهارڻ چاهيم،
هاءِ! جدائي پائي وينم!

اَهڙا ڪهڙا پياچ ڏنئہ جو،
دل پنهنجي اُلجهائي وينم!

هي ڪنهن عاشق جا هن نغما،
سي مان ڪئن دهرائي وينم!

مان تہ فقط ڳايان تو ترانا،
مون کي خبر (چا) ڳائي وينم؟

ڪنهنجو خيال هئو دل ۾ - ءِ
ڪنهنسان ڏس مسڪائي وينم!

(10.07.1970)

رحمت تي آنسن جو دريا!
پريتم پنهنجا واپس وريا!

ڪيڏو شوخ ۽ ڪيڏي آڪڙ،
ڪنڌ ڪليءَ ڪان هيٺ نہ نئڙيا!

ڪهڙي ويل هئي - ڪهڙا ليکا،
جنهن وقت توسان نيڻ ها اَڙيا!

ڪيڏي تڙق ۽ آتروِيلا،
توکي ڏسندي نيڻ هي ٺريا!

ڪنهنکي شڪ ۽ ڪنهنکي پڪ آ،
’دلبر‘ هنجا ڪجھ ڪجھ چريا!

(24.09.1970)

نئين زندگيءَ جا نوان هي ترانا،
اڙي واه خدا ڙي، اڙي واه زمانا!

مون مدت کان جن کي وسارڻ ٿي چاهيو،
اُنهن ئي دلين ۾ ڪيا آشيانا!

نظر کي ملائڻ سان دل ۾ ٿي حرڪت،
اِئين جيئڻ چاهين سان وڃندا پيانا!

مونکي چا خبر عشق ۾ خوار ٿيندم،
۽ افعال منهنجا بہ بڻيا فسانا!

اسان موت کان ٻي ڏکيا ڪين آهيون،
پر 'قاتل' کان 'دلبر' چا ڏکندا 'ترانا'

(07.10 .1970)

اي رات! زندگي گذر گذر نٿي وڃي!
۽ پنهنجي گهر ۾ روشني اَچي پڄي وڃي!

ڏيندو دماغ آ جواب، سونهن کي ڏسي،
دل بيان ڏيندي ٿي اُمنگ ۾ اَچي وڃي!

هو ٿا چون تہ رنگ برنگي آ زندگي،
دل کهڙي رنگ ۾، خبر نہ آ، رچي وڃي!

هت آگ آ ۽ هت بہ آگ آ، ڏسون ٿا هاڻ،
ڪنهن آگ ۾ جلي ٿو پتنگو پچي وڃي!

اي دوست جي هجين ها ساڻ، مونسان هن گهڙيءَ ،
پو محفل ۾ چا نہ ها رنگت مچي وڃي!

’دلبر‘ اِئين ٿي ڪر، جي هميشہ نٿو رهين،
جئن لهر ڪائي هت اچي، وڃي، اچي، وڃي!

(25.11.1970)

پنهنجي اُڪَهاڙي ڪري هوءَ جڏهن به ويهندي آ !
اَسان کي ياد محبوبا پنهنجي ايندي آ !

”جي منهنجي ڪنهن سان به تشبيهہ تون ڪرڻ چاهين،
نہ چوڪري سان هجي“ هوءَ اِئين ئي چوندي آ !

اِئين گلن جي به خوشبو سٺي آ ٿيندي - پر،
اِسان کي تہ تنهنجي ئي زلفن جو خوشبوءِ وڻندي آ !

هوا به ڏس تہ ڪري ڪيڏيون چلولايون ٿي،
چڱن کي هيٺ رکي ڪيري، هوءَ ڪٽندي آ !

مڇان ٿو: آهہ سين جي پسندگي پنهنجي،
وڻي يا ڪين وڻي توکي، مونکي وڻندي آ !

(04.12.1970)

نظر نظر سان ملائڻ جي آ پئي عادت !
ائين ئي حسن پڏائڻ جي آ پئي عادت!

لبن تي ''شيام'' يا پنهنجا رهن ترانا ٿا
خبر نہ آهہ چو ڳائڻ جي آ پئي عادت !

ماڃان ٿو: منهنجو بہ توڏانهن آهہ ڪجھہ لاڙو،
مگر توکي بہ تہ چاهڻ جي آ پئي عادت!

ڪرين ٿي فون نہ آواز ڪوئي ڏيندين آن،
جناب کي چا ستائڻ جي آ پئي عادت !

بهانا جام ٻڌائين 'اچي مان ڪين سگهيم'،
لڳي ٿو توکي بنائڻ جي آ پئي عادت !

اِئين غلط آ چوڻ، ''عشق ٿيندو آهہ انَدو''
پتنگي کي تہ جلائڻ جي آ پئي عادت!

(04.12.1970)

زندگي ٿي ڪرائي هل هل هل !
منهنجو نظريو بہ آهہ پل پل پل !

يا ٿي شرمائين يا لڪائين منهن،
ڪاجهہ تہ تنهنجي ۽ منهنجي آهہ لڳل !

مون آ اوجاڳو ساري رات ڪيو،
تنهنجون نظرون بہ ڪيڏيون هن ٿڪل !

گل پلي پرتان ٿي رهن ڪلندا،
مان تہ ديدار جو ٿي آهيان پنل !

گفتگو تنهنجي ڪيتري خاموش،
حرف هرڪو زبان تي اٽڪيل !

موٽ مون کي ڏڪائي ڪين سگهيو،
آ زنده دليءَ جو هي پرتل !

چا اِشارو ڪٽي چوان: ''هوءَ آ !''
آهہ 'دلبر' سين سان منهنجي لڳل!

(01.01.1970)

لبن تني ترانا، دلين ۾ ترانا!
اسان جي ذهن ۾ ترانا، ترانا!

محبت جون ڳالهيون ٻڌي آهه لڳندو،
تو دهرائي ڪوئي اسان جا فسانا!

پلي ڪيسا خالي، مگر مون ڪي دل آ،
محبت جا مون وٽ خزانا خزانا !

محبت نہ ڇاڏين، محبت بگاڙين،
”اڙي واه زمانا! اڙي واه زمانا!“

نہ راڻو، نہ مجنون، نہ ميهار آهيان،
مان ”دلبر“ هئم، اِهي ٻڌبا فسانا!

(18. 12.1970)

رحمت لهي آسمان مان زمين تي!
رحمت ملي ٿي زمين تان زمين تي!

توهان جي نظر هيٺ ڪان بس مٿي آ،
اسان جي نظر آ مٿان ڪان، زمين تي !

ٻٽي خوشنصيبي اها منهنجي لءِ آ،
رهي حسن جي هر پري، مان، زمين تي!

اسان جا ترانا نہ آڪيڙا ناهن،
اڏامي وهن ٿا دلين تان زمين تي

ڪئي پل جو ٿاٽو نڪاٽو ٻڌايم،
ڇا ڪافي نہ هو جي چوان هان ’زمين تي‘ !

اي ’دلبر‘ ’زمين‘ تي رکيو ڪجهہ تہ آهي،
خدا پڻ لهي آسمان مان زمين تي!

(01.01.1971)

زندگي پل ڪري پئي دوکا!
۽ دلاسن جا ڏي پئي هوڪا!

عشق ڪر جيترو، اهُو تورو،
عاشقن تي پلا ڪا چئہ: روڪ آ !

هوءَ هر وقت گهر لنگهي ايندي،
ڪيس تورا فقط ڪپن موقعا!

هوُ هزارين ڪيي وجن مطلب،
پاڻ کي عشق جو فقط شوق آ !

دل لڳائي 'ترانا' لاهي چڏيئہ،
پاڻ کي بس اهو ئي هڪ شوق آ !

(04.01.1970)

•

تون اَڇي مون وٽان
اِئن ٿي موٽي وڃين
ڇِٽڪ برسات جا ھي ڦڙا
ڇت مٿان
ٿا ڪرن ۽
وري ٿا وھي
ھيٺ ويندا وڃن!

منھنجي دنيا
سينور ڪان بہ وڏيڪ آھہ ترڪائيندڙ!
ھر ھڪ قدم سنڀالي کڻڻ بعد بہ
پير ڪٿي نہ ڪٿي پوندو آھہ ترڪي
۽ مان پوندو آھيان ڪري!

مون هرڪا تڪليف وٺي
هر ڪنهن ڪمري ۾ وڃي
هرهڪ بٽڻ هيٺ ڪري
هرڪائي بتي ٻاري
پر تو هڪ ٺي
'مين سئچ' 'آف' ڪري
هرڪائي روشني
مٿائي چڙي - هٿائي چڙي!
گوڙ گهمسان ويو
ڏينهن ويو
رات آ ٿي !
موٽرن جا نہ وڃن
هارن ٿا
۽ نہ گهوڙن جي هٽي
ٽپ ٽپ آ !
۽ نہ ماڻهن جا هٽي
هن هوڪا
گوڙ گهمسان ويو
ڏينهن ويو
رات آ ٿي!
.............

ڏس تہ مهتاب

ڪڙيو آهي

ڪٿان دور کان ڏس

چانڊني، چنڊ ٻڪيڙي آ چڙي!

چانڊني، دور ٿي، سيني هنڌ ٿي !

دل جي آتش آ گهٽي

توسان ملي، توسان ملي،

گوڙ گهمسان ويو

ڏينهن ويو، رات آ ٿي

آ حقيقت.........

داد ملندو

ناهہ ڪنهن کي چور کان !

آ حقيقت ...........

ميءَ نہ ملندي آهہ

ڪنهن پئيي وٽان!

زندگي اوڌر تي ورتل

قرض ڪيسين ڀيهبو پيو؟

آ حقيقت .....

زندگيءَ جو وياج

ملندو ناهہ

ڪنهن اِنسان کان!

دل:

سسندڙ ... ڦنڊندڙ

هلندي هلندي بيهجي وڃي

جيئڻ ڪا ريل گاڏي

چڪ چڪ ڪندي

سسڻ، ڦنڊڻ جو احساس ڏياريندي

ڪنهن نہ ڪنهن

ويران يا سبز جڳهہ تي

ڪوئلن ختم ٿيڻ تي بيهجي وڃي!

اَڄ دلربا جي هر ادا ڏس ياد آئي آ
منهنجو ڳلي تي هٿ آ، سوچيان ٿو: ڇا چوان؟
موسم اها ئي آهه ۽ برسات پڻ اها،
اَڄ دلربا جي هر ادا ڏس ياد آئي آ!

هڪڙو آ بس وڇوڙو، ٻيو ٿيو ئي آهي ڇا؟
هوندي اِئين ئي هوءَ ۽ مان پڻ اِئين ئي آن!
اَڄ دلربا جي هر ادا ڏس ياد آئي آ،
منهنجو ڳلي تي هٿ آ، سوچيان ٿو: ڇا چوان؟

مان وري گيت اُهي ئي ته زبان سان ٿو چوان ،
توکي محسوس اِئين ڪجهه ٻيو ٻيو ٿئي ڇو ٿو؟
مان ته هر لفظ جي معنيٰ ٻه اُهائي ٿو رکان،
مان وري گيت اُهي ئي ته زبان سان ٿو چوان!

منهنجو آواز ۽ نظرون ٻه اِئين ئي هن اڃا!
تنهنجو وشواس اُداسي ٻه ويو آهي ڇو؟
مان وري گيت اُهي ئي ته زبان سان ٿو چوان ،
توکي محسوس اِئين ڪجهه ٻيو ٻيو ٿئي ڇو ٿو؟

چنڊ جي توسان مشابهت مان ڪريان ڪهڙي دل؟
چنڊ سهڻو آ مگر توکان ته گهٽ آ، سهڻي!
چنڊ جت سهڻو هجي توکان، ڪٿي سا محفل؟
چنڊ جي توسان مشابهت مان ڪريان ڪهڙي دل؟

چنڊ هر وار لڪي پو به پسائيندو شڪل،
چنڊ رسڻو آ مگر توکان ته گهٽ آ، سهڻي!
چنڊ جي توسان مشابهت مان ڪريان ڪهڙي دل؟
چنڊ سهڻو آ مگر توکان ته گهٽ آ، سهڻي!

نه وڃ تون دوست ڇڏي، وڃ نه مونکي يار ڇڏي
اڃا ته زندگي گهڻي گهڻي گهڻي آهي!
نه وڃ تون دل تي الاهي، گهڻا بار ڇڏي
نه وڃ تون دوست ڇڏي، وڃ نه مونکي يار ڇڏي!

اي گلبدن نه تون وڃ، منهنجي لء خار ڇڏي
خبر پوڻ ته ذرا ڏي بهار ڀي چاهي؟
نه وڃ تون دوست ڇڏي، وڃ نه مونکي يار ڇڏي
اڃا ته زندگي گهڻي گهڻي گهڻي آهي!

چمن ۾ نہ بلبل جو آواز آ !
گلن تي اُداسي اُداسي گهٽي!
نہ سنگيت آهي، نہ ڪو ساز آ،
چمن ۾ نہ بلبل جو آواز آ ! ۾

خزان جو الا ڪهڙو آغار آ،
فقط پاڻ سان سچ آ آيو ڪٽي،
چمن ۾ نہ بلبل جو آواز آ !
گلن تي اُداسي اُداسي گهٽي!

اِها بي رخي تنهنجي ڪهڙي صنم،
اسان کي رئاري رئاري رکيئہ!
پڇين بي نيازيءَ مان ڪهڙو تي غم،
اِها بي رخي تنهنجي ڪهڙي صنم!؟

دلين تي اُداسي اُداسي الم،
اسان کي تہ بس يار ماري رکيئہ.
اِها بي رخي تنهنجي ڪهڙي صنم،
اسان کي رئاري رئاري رکيئہ!

گلن ۾ آهه ڪتي خوشبو
سرءُ جا پن پيلا آهن جام
اسانجو اُجڙيل آهه مڪام،
ڪتي آ ڪويل ڏ ڪوُڪوُ
گلن ۾ ......

پيلا ڪئن راوڻ ساڙڻ سان!
سڙي ويندو هي پاپ ۽ ڪوُڙ
ائين تہ ٽيٽو ڪين آ موُر
چمن ٿا راوڻ مارڻ سان،
پيلا ڪئن....

گلابي ڦول، منڀي خوشبو
۽ پيلا پوپٽ تتليون خوب
پري مڌ اڪڙين ۾ محبوب
اَچي دلبر ڪي ڳولڻ هوُ
گلابي ڦول....

پيلي تون رک، پيوتي لاءِ
خبر تم اصلوڪو چهرو،
ڏنو ناهه نڳ تو جهڙو
پيلي گيروتا ڪپڙا پاءِ!
پيلي تون........

ٿئي شل دل جي ڌڙڪن بند
رڳن ۾ خون وڃي رڪجي
اکين مان جوت وڃي اُڏري
ڏسان جيئن توکي نہ هرهنڌ
ٿئي شل ......

رتل ميهنديءَ سان هي هٿڙا
۽ هٿ تي نڪتل گول آ چنڊ
آ مکڙو تنهنجو چِٽڪ ڪنڊ
اَچي ويا راشن جا ڏينهڙا
رتل ميهنديءَ......

مون کي افسوس اهو ئي آهہ
تہ ٿي پيو آهين تون بي رخ
اَچي تو بن ڪيئن مونکي سکہ؟
پڇين ٿو: توکي ٿيو ئي ڇاهہ؟
مون کي افسوس.....

اَسانجو تو سان ڪيڏو پيار!
خبر ڇا توکي آ دلدار!
اسان سان ڪر هڪڙو اقرار!
ڇڏي نا ويندين ’دلبر‘ يار!
اَسانجو.......

رستي ويندي تنهنجي ڪڙڪيءَ ڏانهن ويندي آ نظر
تنهنجي صورت جو عڪس دل تي اُتارڻ لءِ مگر،
چانهه استوَ تي (رڪي) هٿ ڳلي تي، ويهي،
منهنجو شايد تون اُنهيءَ وقت ڪندي آن تصور!

تنهنجي اکڙين ۾ ڏسان، تون نہ ڪلين مان نہ ڪلان،
تنهنجي صورت کي ڏسان توکي ڏسان - وينو ڏسان،
پيار منهنجو تہ نرالو ئي نرالو آهي..............،
سونهن کي مان ٿو پسان، توکي نہ هٿ لاهي ڏسان،

توکي پل ناز ٿئي پاڻ تي پرواهہ ناهي
مون کي اظهار فقط پيار ڪرڻ ايندو آ،
مون کي هر چيز جا ٿيندي آ حسين وٺندي آ،
سونهن جو مون کي قدر يار! ڪرڻ ايندو آ!

نہ منهنجي حال تي تون رحم ڪاءُ اڙي دلبر!
اسان جو حال سدائين سدائين اهڙو آ،
هجي جي ڏينهن فقط هڪ يا ٻن جي ڳالهہ تہ پو،
جهليان نہ توکي ائين رحم ڪائڻ ڪان منڙا!

برسات جا ڏينهڙا تہ اچي ويندا ئي!
تڪرن مان تہ نيسارا وهي پوندا ئي!
اُن ڏينهن اچي ياد مني پوندينءَ تون،
نيٽن مان تہ نيسارا وهي پوندا ئي!

اسين اُلفت ئي ڄاڻون ٿا، نہ ڪلفت ٿا اسين ڄاڻون!
اسين عاشق سچا مجنون، محبت ٿا اسين ڄاڻون!
ڪناري ئي ڪناري سان لڳي ٻيڙي هلي ويني،
نا ڄاڻون سير جون ڇوليون، نہ دهشت ٿا اسين ڄاڻون!

هو قرب ڀلا آهہ ڪٿي دلبر جو
هي روپ تہ ڇڻ آهہ سندس ڪنهن شر جو،
اڄ واٽ ڀلا ڪنهنجي وٺان -ڪهڙي ڇئہ؟
ڪو نالو نشان ناهہ هتي دل + بر جو!

دل جي هڪڙي شاخ تي وينل هئو هڪڙو ئي پنڇي
جنهن اُڏامي شاخ هڪ تان شاخ ٻيءَ تي ڪيو بسيرو
گل هئا جي مهڪندڙ ۽ پن جي تارين ۾ هئا،
سي اُڏامي ويا ڇڙوڇڙ ٿي، خزان ڪيو آهہ ديرو،

مون آهہ رکي ياري فقط توسان ئي
مون ڪي نہ سمجهي توکان حسين ڪائي ٻي
مون رستي تي ڪنهن ٻيءَ کي ڏٺو پو ڇاهي
تون شڪ ڪرين مون تي اجايو ڇو ٿي؟!

باغ مالهيءَ سندو تڙيل آهي
قول هرڪو هتي ڪڙيل آهي
ڪيم مون سان روّش خزان جي ڏس
ڏس! بهاري توسان هريل آهي!

دل جڏهن بيقرار ٿيندي آ
اک جڏهن اشڪبار هوندي آ
ياد اي دلربا تڏهن تنهنجي
هر گهڙيءَ مونکي پيئي پوندي آ!

ياد تنهنجيءَ ۾ ٿيو رئڻ ۽ ڪلڻ
آگ - دوزخ ۾ ڪئن پلا ٿي وهڻ
شاد چاهي رهڻ ته هرڪو ٿو،
پر ڏکن ۾ ٿو ڪير چاهي رهڻ!

رات ويندي رهي سحر آيو،
ڏس ته مس مس بهار ڪئن ڇانيو
آيو سک بعد ۾ مگر، پهرين
ڏک جو ڪئن هئو مٿان سعيو!

ڪاغذگن جا ته ڦول جام ملن
جيترا چاهين اوترا ئي ٿهن
پر انهن مان نٿي ملي خوشبوُ!
ڪاغذي ڦول خوشبو ڪئن ڏين؟

واٽ ويندي ملي جي تون آهين
آهه قسمت مڃان ٿو: ڪيئن آهين؟
واٽ ويندو رهيس نه منزل هئي،
آهه منزل اِجهو مون مس ماڻين!

خوب حسن هن دنيا ۾ پر
دل ۾ ڪائي حسينا آهي
دهلن ۾ ڀي آهہ مزو-پر،
وينا ... وينا... وينا آهي !

دل جي هيءَ ڳالهہ ڪيئن ٻڌايانءَ مان
ڪيترو دلربا مان چاهيانءِ ٿو!
مان اها ڳالهہ عام ڪين ڪندس
تنهن ڪري ڳالهہ هيءَ لڪايانءِ ٿو!

وقت ۾ ڏس اچا آ خاموشي
رات گذري نٿي، نٿي گذري!
مان تہ چاهيان ٿو ڪان ڪان ڪانگل جي،
ٿي سياهي ننڊاکڙي ڏسجي!

رات خاموش ڀت جيان آهي
خاموشي هت بہ آهي، هت آهي،
اوچتو ڪان ڪڪان ڪڪان
ڪ ڪ
چڻ تہ ذرتيءَ ڌوڏي ڀت آهي!

پل ڌوڙ هجي چنڊ تي پر سهڻو آ
پل توہ هجي پٽ تي مگر سهڻو آ
ڪي سونهن سبب سهڻا ٿا سڏجن- پو ڀي،
رنگ ڪنهنجو پيلي ڪارسر سهڻو آ!

ڪي دوست جدا ٿيا منهنجي نفرت جي ڪري
ڪي دوست صفا مون کان ويا آهن وسري
ڪي دوست وري مون کي ٿا نفرت سان ڏسن،
ڪي دوست زماني جي ڪري ويا وڇڙي!

اي دوست اسين پيي ٿا محبت جاٽون
هيءَ راند اسين کيلي هوشياريءَ سان سگهون،
راڻيءَ جي مٿان راجا ته هوندو ئي آ،
بس رنگ پتي جو ٿا ڏسي داءُ هٽون!

شل تون نه اهي پالين ها ٻئي ڪتڙا،
پوُنڪن ته ڪري منهنجا رکن وار ڪڙا
چا موه ڪتن ۾ پيي رکيو هيڏو ٿي،
محبوب جي بوٽن جا رهيا ڪين ترا!

هڪ رات جو بس ننڊ نٿي آئي جو،
بس جهوٽواچڻ سان ئي ڪٽي ويو ٿي ڪو
جئن تارا اکيون بند ڪري کولين پيا،
سامهون جو پلا چنڊ هو بينو سهٽو!

هن دل به وڃائي آ رکيو چا چا چا
۽ پيار ڪرڻ مان به وٺيو چا چا چا
ارمان سيپيئي مون ڪيا ظاهر پر،
دلبر ٿي مگر مون کان پڇيو چا چا چا.

تنهنجا سڀ غم منهنجا آهن
مان تنهنجا غم آهيان ڀڏندو!
پر منهنجي غم جو ڇا ٿيندو؟

افسوس ڪريان مان ڪنهن تي ڇئہ:
افسوس ڪري بہ ڇا وٺندو؟
پر منهنجي غم جو ڇا ٿيندو؟

قسمت تي بہ وشواس نہ آ،
ڪرمن جو بہ ڪهڙو ڦل ملندو؟
پر منهنجي غم جو ڇا ٿيندو؟

دستور ڀڏايو ڪنهن ويٺي،
غم اُيري وري آهہ لهندو !
پر منهنجي غم جو ڇا ٿيندو؟

غم توتي نہ پر انسان تي آ،
انسان بہ ڏس هيئن آهہ ڪندو،
پر منهنجي غم جو ڇا ٿيندو؟

هڪ دفعو اي چنڊ تارو هيٺ پيي لهندا اَچو
خوب کلندا، ٽهڪڙا ڏيندا، لهي ٽپندا اَچو!

رات جو ٿا ٽم ٽمايو ۽ سحر ٿيندي ڀڄو،
ٿا نظر کان دور ٿيو ۽ گم ٿيو ڏينهڙو سڄو،
سڄ اڳيان ڇو پاڻ کي ٿا اِئن لڪايو ۽ لڄو،
رات راڻي ٿي نچي، نچندا اَچو، کلندا اَچو،
هڪ دفعو اي چنڊ تارو هيٺ پيي لهندا اَچو!

گل ٽڙيا، مکڙيون ٽڙيون ۽ چوٰطرف آئي بهار،
ٿو ڪري هو هڪ توهانجو هت ڪڏهن کان انتظار،
دور ڪيڏا آيو مٿي، جلدي اَچو دل بيقرار،
آ ڪڏهن کان سار ۾ تڪڙا قدم کڻندا اَچو!
هڪ دفعو اي چنڊ تارو هيٺ پيي لهندا اَچو!

چاندنيءَ ۾ ٿا رهو، پر چانڊڪي ڪا رات ناهه
چاندنيءَ جو ويس پهريو پر ڪائي بارات ناهه
لئلا ۽ مجنون جيان هت عشق جي ڪا بات ناهه
عشق جي دنيا نظر مان هڪ دفعو ڪيندا؟ اچو!
هڪ دفعو اي چنڊ تارو هيٺ پيي لهندا اَچو!

مان ڪيئن چوان توسان محبت ناهي؟

سپنن ۾ اَچي تنگ ڪرين ڪيڏو ٿي،
۽ رات سڄي پاسا ورائي گذري،
توسان بہ تہ ڪجھہ اهڙي ئي حالت ناهي!
مان ڪيئن چوان، توسان محبت ناهي؟

خيالات ۾ هر وار هر وقت اَچين
۽ دل کي رلائي ٿي سڄو وقت رکين،
پنهنجيءَ ئي حالت تي ڪريان ٿو : هاءِ!
مان ڪيئن چوان تو سا محبت ناهي؟

محفل ۾ جڏهن ياد مونکي تون ٿي اَچين
هر لهر خوشيءَ جي پوي غمگين بڻي،
هر دوست شڪايت مان پڇي: ڇا آهي؟
''مان ڪيئن چوان توسان محبت ناهي!''

اي دوست محبت تہ محبت رهندي!
قسمت آ جيڪا پئي ڍهندي، ٺهندي،
قسمت کي ڏئي ڏوہ، جدائي پائي،
مان ڪيئن چوان، توسان محبت ناهي!

لڳائي تون دل ڏس مان دلدار آهيان
لکان ٿو ترانا - توهان کي ٻڌايان!

ٽٽيو دل جو گلشن آ ويران ڪڏهن کان،
ٽٽڙيا قول دک جا ڪندا ساڻ ان سان!
تڏهن پيي ٿيا پنورا قربان اڻ تان!
دکن جو خوشيءَ سان ٿو مان هار پايان،
لڳائي تون دل ڏس مان دلدار آهيان

ٻٽي شمع تو مونکي گهايل ڪيو آ،
پنيان پنهنجي تو مونکي پاڳل ڪيو آ،
مان ساگر توکي پنهنجو ساحل ڪيو آ !
ٻٽي لهر توسان ٿو ٻاکر مان پايان!
لڳائي تون دل ڏس مان دلدار آهيان

ڪيو پيار آهي، پوءِ انڪار ڇا جو؟
لڳي دل جي آهي پو ويچار ڇا جو؟
ڪرڻ پيار اظهار ۾ عار ڇاجو؟
اي دلبر ٿو دل کي مان دل ۾ سمايان،
لڳائي تون دل ڏس مان دلدار آهيان
لکان ٿو ترانا - توهان کي ٻڌايان

بيوفا چنڊ! بيوفا چنڊ! بي وفا
دل لڳايئہ تن سان، جن کي دل نہ آ !

جن ايامن کان وٺي توتي لکيو،
روپ محبوبا سندو توکي ڏنو
شاعرن سان تو ڪئي ڪيڏي دغا!
دل لڳايئہ تن سان، جن کي دل نہ آ !

ايسترالاجس ڇا ڪرڻ چاڙيندا پيار؟
جي هجاڻ ها مان ڇماڻ ها بار بار!
آ گمان – توکي ٻي ايندو پيار آ ؟
دل لڳايئہ تن سان، جن کي دل نہ آ !

ڏوڙ منهن ۾ پل هٽي گهمندا وتن
سوکڙيون تن کي مبارڪ شل هجن!
آسرو منهنجو ٻي ويو ڪونهي اَجا!
دل لڳايئہ تن سان، جن کي دل نہ آ !

او ماه - لقا! ماه - جبين، محبوب اَچا تون رسٽو آن
ڪٿن توکي وساريان دلبر مان - مان خود ئي تو ۾ وسريو آن

چنڊ چانڊني چورائي ڪنھنجي
چنڊ چانڊني ڦھلائي پنھنجي
موسم بہ سھاڻي اَھڙي آ
جو ياد ستائي ٿي تنھنجي
ڪٿن تو بن مھڪان محفل ۾ مان تنھنجي سھاري گذريو آن!
او ماه لقا....

محبوب جي ھونٽن جي لالي
گل مان نہ سگھي ٿي ظاهر آ
آ حسن ذرا ھي ڪجھہ اھڙو
ٺاھيو نہ خدا! ڪنھن ماھر آ !
ھڪ آس ملڻ جي توسان رکي، مان ٻڻجي چڪور اڏُڙيون آن!
او ماه لقا....

مان جيڏانهن پيي ويندو ويندم
تون مون سان هلندينءَ چنبڙ جيان

مان سوچان ٿو: تو ڇا پئي سوچيو،
تو مرڪي جام جڏهن اوتيو!
تنهنجو هي وڇوڙو منهنجي لءِ
ڄڻ آهي هڪڙي بند جيان!
مان جيڏانهن پيي ويندو ويندم!
تون مون سان هلندينءَ چنبڙ جيان!

بادل جنهن وقت لڪائي توکي
دل تي ڄڻ ڪائي وڄ ڪري،
منهنجي مرڪڻ تي به ڪجهه ڪجهه
لڳندو دل تي سند جيان!
مان جيڏانهن پيي ويندو ويندم،
تون مونسان هلندينءَ چنبڙ جيان!

مان محبت ۾ مخمور ٿي هو ويم،
مون تہ سپنن ۾ توکي ماڃيو ڪجھہ هيو!
دل جا هي معملا دل ۾ رهندا رهيا
پيار بس پيار لءِ تڙقندو ٿي رهيو!
دل بہ دلدار لءِ تڙقندي ٿي رهي،
۽ زبان سان تہ ڪجھہ ڪين مون هو چيو،
تنهنجي نظرن سان نظرون ملائي ڪري،
ڪٿن ماڃان؟، مون پاڇيو، تو چيو ڪين هو!
.........................

اَڄ وري ساز دل جا وڄندا رهيا،
ننڊ جو غيب بس غيب قائم رهيو،
دور ڪان ٿي پڪاري پڪاري ٿڪم،
۽ وڇوڙو آ ''دلبر'' جو دائم رهيو!

مون کي خبر ڇا هوءَ مون کي پيار ڪري!؟

ڪلندي هئي ته مان به ڪٽي مشڪي ٿي پيم،
رسندي هئي ته مان به ناراض ٿي ويٺيم،
دنيا کان ٿي ڏڪي يا هوءَ عار ٿي ڪري!
مون کي خبر ڇا هوءَ مونکي پيار ٿي ڪري!؟

جيون وجهي نه گذري اِئين مسڪرائيندي،
دل به وڃايو آهه گهڻو ڪجهه ٿي چاهيندي،
ڦٽڪن جو سوچيندي ٿي دل لاچار ٿي ڪري!
مون کي خبر ڇا هوءَ مونکي پيار ٿي ڪري!؟

هر حسن سان اسان جي دل جو ٿيندو پيار آ،
توسان به پيار آهي ۽ هن سان به پيار آ،
هيءَ دل به ڏس ته ڪيترن کي يار ٿي ڪري،
مون کي خبر ڇا هوءَ مونکي پيار ٿي ڪري!؟

ڪو غم نه ٿيو، ڪو غم نه ٿيندو، آهه مونکي جي،
ڪوئي نهي، ڪوئي رسي، ڪوئي هلي وڃي!
مدت کان دل ٿي چاڻي فقط پيار ٿي ڪري،
مون کي خبر ڇا هوءَ مون کي پيار ٿي ڪري!؟

# ✍ خط .....

Mountain View
Dec. 18 ,2003

• پيارا دَلبرَ

خوش هجين سال!

هڪ دفعو وري تنهنجي ملڪ آمريڪا ۾ آيو آهيان. مونکي ڏوهتي ڄائي آهي. اِن بهاني ٻارن سان ملڻ لاءِ آيو آهيان. ويني ويني مجيئن جي ٻاتل گيتن جي طرزن تي، چار گيت لکي ورتا اٿم. ايهي هن خط سان گڏ موڪليان پيو، اُميد تہ توکي پسند پوندا.

منهنجو اَچڻ هتي اَچانڪ ٿيو. اِنڪري تڪڙ تڪڙ ۾ اُها ڊائري جنهن ۾ تنهنجو فون نمبر لکيل هو، اُها بمبئي رهجي ويئي. اِنڪري مان توکي اَچڻ سان فون ڪري ڪونہ سگهيس. هن خط جي پهچ ڏيڻ وقت پنهنجو فون نمبر ، Cell Phone وغيرهہ لکي موڪلج. جيئن فون تي حالي احوالي ٿي سگهون.

مان هن وقت پنهنجي پٽ پروين (Praveen) وٽ آهيان. سندس گهر جو نمبر آهي 4592-948 - 650 ۽ سندس Cell Phone نمبر آهي 408-505-9070

اگر فون ڪرين تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي.

ٻيا ڪهڙا حال اَحوال آهن.

اُميد تہ تنهنجو ڏنڌو نيڪ هلندو هوندو ۽ ڳائڻ جو شوق بہ اڳي کان اڳرو هوندو .

تنهنجا ٻار ۽ تنهنجي شريمتي سڀ مزي ۾ هوندا.

قربن مان

تنهنجو پنهنجو

واسديو نرمل

Vasudev
C/o. Praveen Madhav
Apt#351
Mountain View
CA-94040

# ترانا



طرز : چاند آهين پريگا، قول، دل ٿام لينگي
حسن جي بات چلي تو، سب تيرا نام لينگي

مجنون بڻجڻ جي لءِ سا، گهُرجي ديوانگي ٿي
گهُرجي بيچيني ٿي سا، گهرجي سا بيخودي ٿي

1. پنهنجو ڪوئي نہ آهي، ناهہ ڪنهن ساڻ چاهت
پنهنجي دک ۽ غمن سان، آ ازَل کان ئي الُفت
تن کي تون ڏي خوشي پل، جن کي گهرجي خوشي ٿي
گهُرجي بيچيني ٿي سا، گهرجي سا بيخودي ٿي.....

2. نرم دل ئي نہ گهُرجي، دل جو پٿر نہ گهُرجي
صرف رهبر نہ گهُرجي، صرف دلبر نہ گهُرجي
رهبري ڪجهہ کپي ٿي، گهُرجي ڪجهہ دلبري ٿي
گهُرجي بيچيني ٿي سا، گهرجي سا بيخودي ٿي....

3. ڌوڙ مان ڌَنُ نَهي پيو، عرش مان چڻ لَهي پيو
ڌَنُ اَوهان وٽ گهٽو آ، چڻ تہ دريا وهي پيو
داتا، ليڪن، ٿيڻ لءِ، گهُرجي دريادِلي ٿي
گهُرجي بيچيني ٿي سا، گهرجي سا بيخودي ٿي....

طرز : زنده هون اِس طرح ڪِ غم-اي-زندگي نهين
جلتا هئا ديئا هون مگر روشني نهين

دل ۾ اُٿن هزارين ٿا اُڌما رکي رکي
ڀڙڪي اُٿن ٿا جڻ ته ڪي شعلا رکي رکي

1. ويران دل ۾ ياد تُنهنجي رنگ لائي ٿي
گُلشن جي ٿو جَهلَڪ ڏِئي صَحرا، رکِي رکِي.

2. هن جي ئي بي وفائي جو ڇو ٿو ڪرين خيال؟
دوکو ته سڀ ڏئي ويا، رشتا رکِي رکِي.

3. طوُفانُ غم جو، دل مان اکين تائين آ رسَيو،
نيڻن ۾ پرجي ٿو اَچي دريا، رکِي رکِي.

4. ''نرمل'' اهُي ئي جان جا دشمن بڻي پيا
پَاليا هُئم جي، جانِ کان پيارا رکِي رکِي

طرز : سُھانا سفر اۋر يہ مؤسم حسين
ھمين ڈر ھئہ ھمکو نہ جائين کھين

ملڻ لءِ تہ دل اَڄ تَپا پَئي ڏئي،
مگر وقت اَچڻ لءِ نٿو کو ملي.

1. گھڻو ئي سوچيان ٿو، تو سان ملڻ لءِ
نٿي کا فرصت ملي پر، اَچڻ لءِ
کيڏي اُڻ تُڻ، دل جي پُڻ پُڻ،
مگر نہ وس ٿو ھلي
ملڻ لءِ تہ دل اَڄ تَپا پَئي ڏئي.........

2. ڇڏيو ٽڪائي زماني جي گردش،
مصيبتن جي وَسي پيئي بارش
اِنتظاري، بيقراري،
سُکي ٿو ساھہ ئي وڃي!
ملڻ لءِ تہ دل اَڄ تَپا پَئي ڏئي.........

3. اَسانجي اُلفت جو ايندو زمانو
نہ ڳولھڻو پوندو کوئي بھانو
خواب منھنجا، وفا ٿيندا،
نہ تون يقين کر پلي!
ملڻ لءِ تہ دل اَڄ تَپا پَئي ڏئي.........

طرز : ڪوئي جب تمهارا هرديہ توڙ دي
تڙپتا هئاجب ڪوئي چوڙ دي
تب ميري پاس آنا پريي
ميرا در کُلا هئہ کلا هي رهيگا........ تمهاري ليئي

جدائيءَ جي غم جي شڪايت ڪري،
ڏِنو ڪئن ڪريان توکي ، اُلفت ڪري،
اِها ڳالھہ سمجھين نٿو ڇو پرين؟
جي وعدا ڪيا تم، سي پورا بہ ٿيندا..... اِهو آ يقين!

1. ”مان تنهنجي ئي آهيان“ نٿو جي مڃين،
تہ دل پنهنجي کان تون، پُڇي ڏِس، پرين!
تون اَندر ۾ جهاتي ذرا پائي ڏس
اُتي منهنجي صورت ڏسي تو سگهين
اگر منهنجو چهرو سُڃاڻي وئين
تہ لک تنهنجا احسان ٿيندا، پرين!
اِها ڳالھہ سمجھين نٿو ڇو، پرين!
جي سپنا ڏنا تم،سي پورا بہ ٿيندا.....اِهو آ يقين!

2. هُيس هر جَنمَ ۾، مان تنهنجي پرين!
تہ ڇو هِن جنم ۾، نہ تنهنجي ٿيان؟
مان مَن جي مندر ۾ ٿي توکي ڏسان
مان تنهنجي سدا آرتي ٿي ڪريان
جڏهن تنهنجي دل ۾ اُٿي ياد ڪا،
تہ سمجھج اُها منهنجي ئي ياد آ،
اِها ڳالھہ سمجھين نٿو ڇو، پرين!
ڏکيا ڏينهن ڏِنا تم، سي پورا بہ ٿيندا....اِهو آ يقين!
جَدائيءَ جي غم جي شڪايت ڪري......

1 طرز : نہ يھہ چاند ھوگا، نہ تاري رھينگي

نہ جيڪا ملي ھئي عبادت ذريعي
ملي روشني سا محبت ذريعي

1. نہ دلبر ڪري ٿو ڪلائڻ جي ڳالھہ
ڪري ٿو سدا جي جلائڻ جي ڳالھہ
مگرچو رُسايون شڪايت ذريعي

2. اَسانجي بہ منھن ۾ آ نازڪ زبان
مگر ڪئن ڪريون پنھنجي غم جو بيان؟
مُڃاسين خموشي جي عادت ذريعي

3. اَسانجي چا جُريت جو 'نرمل' رُسايون
مِڪر ۾ رُئل ڪي، مگر، ڪئن منايون؟
مري وياسين دلبر جي شدت ذريعي

2 طرز : چاند سي محبوُبا هو ميري تم ......

ھڻ واريءَ سان پريت ڪري چا چا نہ لُٽائي وينس مان
چين لُٽائي ٿي وينس مان، هڪ روڳ پرائي وينس مان

1. دنيا ۾ ڏينهن بہ ٿيندو آ، تنهن جي نہ رهي آ سڌ ڪائي
ھڻ واريءَ جي اوسيڙي مر هڪ رات وَئي ٻي رات آئي
اَک نہ لڳي هڪ رات اَلا، آرام گنوائي وينس مان
ھڻ واريءَ سان پريت ڪري....

2. دل منهنجي لُٽي وَئي ھڻ واري، ٿي منهنجي اکين کان دوُر
پر ياد سندس پل پل آئي، ۽ دل کي ڏئي ناسوُر وَئي،
درد-محبت پائي جيئڻ جنجال بڻائي وينس مان
چين رُٺائي وينس مان، هڪ روڳ پرائي وينس مان
ھڻ واريءَ سان پريت ڪري....

3 طرز : سُهاني چاندني راتين همين سوني نهين ديتي

گيت: وسديو نرمل

رقيبين سان رَمايو ٿا، اِئين ڇا لءِ ڪريو ويٺا؟
۽ مون کان مُنهن مَٽايو ٿا، اِئين ڇا لءِ ڪريو ويٺا؟

1. ڀڳو آ پيار سان پُر ٿي ويو آ دل جو پيمانو،
خبر آ ساري دنيا کي اوَهانجو منهنجو افَسانو،
اُهو مون کان لڪايو ٿا اِئين ڇا لءِ ڪريو ويٺا؟
۽ مون کان مُنهن مَٽايو ٿا..........

2. هڪ ئي پَل ۾ ڪري چرچا، گهڙيءَ ۾ ڪئن ڪلايو ٿا،
مٺيون ڳالهيون ڪري ’نرمل‘، رُٺل کي ڪئن منايو ٿا،
منائي، پر، رُسايو ٿا، اِئين ڇا لءِ ڪريو ويٺا؟
۽ مون کان مُنهن مَٽايو ٿا......

4 طرز : هم ني اَپنا سب ڪڇ کويا، پيارا تيرا پاني ڪو.

گيت: وسديو نرمل

تَرندي تَرندي پار پُھچان شل، ساهڙ سڌ ڪري ٿو،
مان هِن ٻَر ماندي آهيان، هوُ هُن ٻَر آهوُن ڀري ٿو.

1. سُستن وانگر ڏيري ڏيري، اَڄ ڇا جي لءِ دلو تري ٿو؟
منهنجيءَ دل وانگر ٿي دِلو اڄ، ڇا لءِ ٻڏي تري ٿو؟
اک ٿي ڦڙڪي، دل ٿي ڌڙڪي، منهنجو هانءَ ڏري ٿو
ترندي ترندي پار پُھچان شل ..........

2. واچوڙي ۾ ڀي مان ويندس، ساهڙ بن هِڪ پل نہ سَري ٿو،
موٽ کان ڊڄاڻ ڇا لءِ هرڪو، 'نرمل' پنهنجي موٽ مري ٿو،
پار پُھچڻ تي سوُر سيئي، ساهڙ کِن ۾ هري ٿو
ترندي ترندي پار پُھچان شل ..........

5 طرز : مئن تو اِڪ خواب هون، اِڪ خواب سي تو پيار نہ ڪر

گيت: وسديو نرمل

داستان درد جو، ڪنهن کي ڪو ٻڌائي ڇا لءِ؟
پاڻ جيان ٻئي جي، اِئين ننڊ ڦٽائي ڇا لءِ؟
داستان درد جو..........

1. پل زمانو ڇوي دلبر سان ڪيو ڊوهہ اَٽس،
دل قبولي نٿي هُن جي تہ ڪيو ڏوهہ اَٽس،
پوءِ پڇتاءُ جو هوَ سانگ رچائي ڇا لءِ؟
داستان درد جو ..........

2. هڪڙي پل ۾ تو رُسي، پرچي وجي تو ٻئي پل،
هاڻ راٺو تو رُسي، نونٽ لڳڻ سان 'نرمل'
پوءِ مومل ڪا نئين ڪاڪ اڏائي ڇا لءِ
داستان درد جو..........

5 طرز : گوري گوري چاند سي مک پي ڪالي ڪالي اَکين هئه

غزل: وسديو نرمل

دل جو بوجهوهہ هلڪو ڪرڻ لءِ، مان پل پل ڪجهہ ڳايان پيو،
ماڻهن ليکي ڳائي ڳائي، پنهنجي دل بهلايان پيو.

1. منهنجي جذبن سان کيڏڻ جي، تنهنجي شرارت پياري آ،
دل مونکي سمجهائي پيئي، مان دل کي سمجهايان پيو.

2. عشق نہ آهي سؤديبازي، آءُ اِهو ئي چاڻان ٿو،
مان چا چاڻان چا هي محبت، جان جي بازي لڳايان پيو.

3. دل جو گلشن مهڪي اُٿيو آ، شايد دلبر آيو آ،
’نرمل‘، مان هن جي سواگت ۾، پنهنجا نيڻ وڇايان پيو.

# BIO - DATA


| | | |
|---|---|---|
| **NAME** | : | **RATAN CHETANDAS LILLANEY** |
| **ADDRESS** | : | 149 WEST STREET, WEYMOUTH<br>MA 02188 USA<br>Tel. No.: 1 - 78 1 - 985 -4525<br>E-mail: rclillaney@hotmail.com |


| | | |
|---|---|---|
| **BIRTH DATE** | : | 18th DECEMBER 1946 |
| **BIRTH PLACE** | : | LARKANA (WEST PAKISTAN) |
| **EDUCATION** | : | B.A.(Hons.) LL.B.<br>I did law practice from 1974 to 1996 in Bombay India, before moving over to USA and have my own business. |
| **Hobbies** | : | Literature- photography and Singing And ardent fan of Mukeshji and RAJ Kapoor Saab |

هي منهنجا ترانا آهن
۽ مون لاءِ ترانا آهن
توهان لاءِ ڇا آهن،
مان نٿو ڄاڻان.

سورهن سالن جي ڪچي
عمر ۾، ڪچا شعر چيم،
۽ گهڻي وقت تائين قافيه
۽ وزن کنهن حد تائين
پنهنجي شعر ۾ پابند ڪيم
هاڻي اِلائي ڇو مان اِئين
ٿو محسوس ڪريان تہ اگر
مان اَهڙيءَ پابنديءَ هيٺ
نہ رهان ها تہ شايد سٺو
شعر چئي سگهان ها.

قافيہ ۽ وزن شعر ۾
”ضروري آهي“ مان
مڃان ٿو پر ”ضرور ئي
آهي،“ مان نٿو مڃان. دل
جي جذبات کي دماغ جي
گهراين سان amalgamate
ڪرڻ مون کان نہ ٿيندو.

شعرن جي مجموعي سان
پهريون ڀيرو توهان سامهون
اَچي رهيو آهيان، تنهنڪري
ساهتيہ جي هر کيتر مان
نقطہ-چيني جي آجيان ڪندم
مان اُهو ئي .....



هڪ نظر مونتي وجهي،
ويندو هلي دلبر پريان،
۽ دل پئي رڙندي ڇري!

18/7, Amarjyoti,
R.A. Kidwai Road,
Wadala, Bombay-31




AK
MUKESH
RATAN DILBAR
POLO

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book